# سيرتِ داتا علي هجويري

رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالیٰ عَلَيۡه



هفتيوار سنَّتن ڀريي اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سنّتن ڀريو بيان

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سیرتِ داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺندا ڪريو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب حاصل ٿيندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي صبح ۽ شام ڏهہ ڏهہ ڀيرا دُرودِ پاڪ پڙهيو، ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت نصيب ٿيندي.

(مَجْمَعُ الزَّوائِدج١٠ ،ص١٦٣ ،حديث١٧٠٢٢، از ضيائے درود وسلام)

سب نے صفِ محشر میں للکار دِیا ہم کو
اے بے کَسوں کے آقا اب تیری دُہائی ہے

(حدائقِ بخشش،ص١٩٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا.



www.dawateislami.net

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّي اللّٰهُ تَعَالٰي عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻ مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

(2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❁ نگاهون جهڪائي پوري توجهہ سان بيان ٻڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وڇائي ويهندس ❁ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❁ ڌِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اُٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ڪرڻ جون نِيّتون

آئون بہ نِيّت ڪريان ٿو ❁ الله جي رِضا حاصل ڪرڻ ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي لاءِ بيان ڪندس ❁ ڏسي بيان ڪندس ❁ سيپاري 14 سورة النحل آيت نمبر 125: اُدْعُ اِلٰى سَبِيْلِ رَبِّكَ بِالْحِكْمَةِ وَ الْمَوْعِظَةِ الْحَسَنَةِ

”ترجمو ڪنزالايمان: پنهنجي ربّ جي واٽ جي طرف سڏ پڪي سمجهہ ۽ چڱي نصيحت سان“ ۽ بخاري شريف (حديث:4361) جي هن فرمانِ مصطفيٰ

1......(المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)



www.dawateislami.net

صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بَلِّغُوۡا عَنِّیۡ وَلَوۡ اٰیَة[2] يعني ”منهنجي طرفان پهچايو جيتوڻيڪ هڪ ئي آيت هجي“ ۾ ڏنل احڪام جي پيروي ڪندس ✿ نيڪي جو حڪم ڏيندس ۽ بُرائي کان منع ڪندس ✿ شعر پڙهڻ، عربي، انگريزي ۽ ڏکيا لفظ ڳالهائڻ دؤران دل جي اخلاص تي توجُّھ رکندس يعني پنهنجي علميت جو ڏاڪو ويهارڻ مقصود تيو تہ ڳالهائڻ کان بچندس ✿ مَدَني قافلي، مَدَني انعامات ۽ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت وغيره جي رغبت ڏياريندس ✿ ٺهڪ ڏيڻ ۽ ڏيارڻ کان بچندس ✿ نظر جي حفاظت بڻائڻ جي خاطر حتي الامڪان نگاهون جهڪائي رکندس.

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ هڪ اهڙي عظيم هستي جي سِيرتِ مبارڪ جي مُتعلِّق بيان ٻُڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، جن جو فيضان ڪيترين ئي صَديون گذري وڃڻ جي باوجود بہ جاري ۽ ساري آهي، جن جي مزارِ پُرانوار تي هر وقت ماڻهن جو هجوم رهندو آهي، ماڻهو حاضر ٿي ڪري پنهنجي گهُريل جائز مرادون حاصل ڪندا آهن. اها اَهم شَخصيت ڪير آهي؟ ان جو نالو ۽ نَسب، ڪُنيت ۽ لَقب ڇا هو؟ اڄ جي بيان ۾ هي سڀ ٻُڌنداسين، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ، ان سان گڏوگڏ ان شخصيت جو حُصولِ علم جي لاءِ سفر ڪرڻ ۽ ان جي پاڪيزه عادتن ۽ خوبين مثلاً صبر ۽ شُڪر جي مدني سوچ، علمِ دِين جي حصول جو شوق جي مُتعلِّق ڪجھ مدني گُل ۽ بيان جي آخر ۾ ويهڻ جي سُنّتون۽آداب بہ بيان ڪيا ويندا. اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

## صابرءِ شاڪر نَوجوان:

شام جو وَقت هو، رات جي اونڌاهه آهستي آهستي هر شَيء کي پنهنجي گهيري ۾ وٺي رهي هئي، خُراسان ۾ هڪ بي ساز سامان مُسافِر

2 (بخاري، ڪتاب احاديث الانبياء، باب ما ذکر عن بني اسرائيل ج2، ص 462 حديث 3461)



www.dawateislami.net

هٿ ۾ لٺ ڪٽي هر شيء ڪان بي نِياز، بوسِيدا، پُراڻي، موتي ۽ ڪُردَرو (ناهموار) ٽاٽ جو لباس پائي وِجي رهيو هو، جڏهن اهو آبادي جي ويجهو پهتو ته رات گُذارڻ جي اِرادي سان هڪ اهڙي مَقام تي رُڪيو جتي بَظاهر دِيندار نَظر اچڻ وارا ڪجھ ماڻهو به مَوجُود هئا، جن جا چهرا خُوشحالي ۽ بي فِڪري سان چمڪي رهيا هئا. جيئن ئي انهن جي نَظر اِن مَفلُوڪُ الحال (هيٺي حال) شَخص تي پئي، ته اُن مان هڪڙي سَخت لَهجي ۾ سُوال ڪيو. "تون ڪير آهين؟" اُن مُسافِر نَرمي سان جواب ڏيندي چيو: مُسافِر آهيان، هتي رات گذارڻ چاهيان ٿو. اهي سڀ ٺهڪ لڳائي کِلي پيا ۽ اُن (مسافر) کي حَقارَت سان ڏسندي چيائون: هي اسان مان ناهي. مُسافِر اُنهن جي اِها ڳالهه ٻڌي ڪري خُوش ٿي ويو ۽ جواب ۾ چيائين: واقِعي آئون توهان مان ناهيان. رات ٿي ته اُن مان هڪ شَخص اُن جي اڳيان سُڪل ماني رکي ڇڏي ۽ خود پنهنجي دوستن جي اُن مَحفِل ۾ شريڪ ٿي ويو، جنهن ۾ اهي طرح طرح جي عُمده ۽ لَذِيذ غِذائن مان مزو ماڻڻ سان گڏوگڏ هڪ ٻئي سان مَذاق مسخري ۾ به مَشغُول هئا. اُهي مُسافِر کي سُڪل ماني کائيندي ڏسي ڪري کلي رهيا هئا ۽ ڪاڏل خربوزي (ڳدري) جون ڳلون اُن کي هَڻي رهيا هئا، سڄي رات اهي ماڻهو طَعنن ۽ مهڻن جا تِير وَسائيندا رهيا يعني بُرو ڀلو چوندا رهيا، ايستائين جو صُبح ٿي وئي پر اهو صابِر ۽ شاڪر نَوجوان خُوش دِلي سان اُنهن جو ظلم برداشت ڪندو رهيو ۽ ڪا جوابي ڪاروائي نه ڪئي.

(ڪشف المحجوب،ص۶۶،ملخصاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

اچو ته! ان عظيم هستي جي شان ۾ شيخِ طريقت، اَمِيرِاهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامه مَوْلانا اَبُوبلال محمد الياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتْ بَرَڪاتُهمُ الْعَالِيه جي لکيل منقبت جا ڪجھ اشعار ٻڌون ٿا:



www.dawateislami.net

ہو مدینے کا ٹِکٹ مجھ کو عطا داتا پیا — آپ کو خواجہ پیا کا واسِطہ داتا پیا
دو نہ دو مرضی تمہاری تم مدینے کا ٹِکٹ — میں پکارے جاؤں گا داتا پیا داتا پیا
دولتِ دنیا کا سائل بن کے میں آیا نہیں — مجھ کو دیوانہ مدینے کا بنا داتا پیا
کاش میں رویا کروں عشقِ رسولِ پاک میں — سوز دو ایسا پئے احمد رضا داتا پیا
کاش! پھر لاہور میں نیکی کی دعوت عام ہو — فیض کا دریا بہا دو سرورا داتا پیا
مجھ کو داتا تاجدارانِ جہاں سے کیا غَرَض — میں تو ہوں منگتا ترے دربار کا داتا پیا
جھولیاں بھر بھر کے لے جاتے ہیں منگتے رات دن — ہو مری اُمید کا گلشن ہرا داتا پیا

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بُرائي کي ڀلائي سان ٽارڻ وارا:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعي ۾ خود سان ٿيڻ واري ناپسنديده سُلوڪ تي صَبَر ڪرڻ وارا اُهي بُزُرگ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جا بَرگُزِيده وَلِي، حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گَنج بَخش عَلي هجوِيري رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه هئا. يقينًا اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب ۽ برگُزِيده ٻانهن جو هي مَعمُول هوندو آهي ته اهي اچڻ واري هر مُصِيبَت تي صَبر ۽ شُڪر سان ڪم وٺندا آهن. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جهڙي طرح پنهنجي ٻانهن تي بي شُمار نعمتون نڇاوَر فرمائي ڪري اِحسانِ عَظيم فرمائيندو آهي، اهڙي طرح اڪثر ڪري اُنهن کي مَصيبتن ۽ تڪليفن جي اِمتِحان ۾ مبتلا ڪري ڪاميابي جي صُورَت ۾ بُلَندِيءِ دَرَجات کان عِلاوَه بي شُمار دُنيوِي ۽ اُخرَوِي اِنعامن سان ڳَنڍوڳَنڍ اهڙن کي هي فرحت بخش خوشخبري به ٻُڌائيندو آهي ته (اِنَّ اللّٰهَ مَعَ الصّٰبِرِيۡنَ ﴿۱۵۳﴾) تَرۡجَمو ڪنزُالايمان: بيشڪ اللّٰه صبر وارن سان گڏ آهي. (سيپارو: ۲، البقره: ۱۵۳) يادرکو! ذاتِ باري تَعَالٰي عَزَّوَجَلَّ جو قُرب اها عَظيم نِعمَت آهي جنهن جي حُصُول جي لاءِ اَنبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام ۽ اَولياءِ عُظام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام جن اهڙين اهڙين تڪليفن تي صَبَر ڪيو جن جي تَصوُّر سان ئي لَرزو طارِي ٿي ويندو آهي. اسان کي به هي نِيّت ڪرڻ



www.dawateislami.net

گهرجي تہ جيڪڏهن ڪا مصيبت اچي، ڪنهن اسان جو دل ڏکايو هجي يا بَدسُلوڪي سان پيش آيو هجي ”سِر جو جَواب پٿر سان ڏيڻ“ جي بجائي صَبرسان ڪم وٺنداسين. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

تَاجدارِمدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن اِرشاد فرمايو: اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اِرشاد فرمائي ٿو: جڏهن آئون پنهنجي ڪنهن ٻانهي جي بَدَن يا ان جي مال يا ان جي اَولاد جي طَرَف ڪا سَختي موڪليان، پوءِ اهو صَبرِ جَمِيل سان اُن جو اِستِقبال ڪري، تہ قِيامت جي ڏينهن مون کي ان کان حَيا ايندو، تہ آئون اُن جي لاءِ مِيزان قائِم ڪريان يا اُن جو نامهء اَعمال کوليان. (كنز العمال، كتاب الاخلاق، قسم اول، ۲/۱۱۵، حديث: ۶۵۵۸)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ٻُڌو تہ ! دُنيا ۾ بَظاهر تڪليف ڏه مَحسُوس ٿيڻ وارا صَبر جا ڪجھ ڏُک آخِرت ۾ کھڙي راحت ۽ آرام جو سَبَب ٿيندا. حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گَنج بَخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن خود سان پيش اچڻ واري بَد سُلوڪي تي صَبر جو اعليٰ مُظاهرو ڪيو، تہ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي اهو عَظِيم مَقامِ وِلايت عَطا فرمايو جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه کي هِن دُنيا کان پَردو ڪندي هزارين (1000) سالن کان زائد عَرصو گذري چُڪو آهي، پراڃ بہ لَکين مُسَلمانن جي دِلين ۾ اوهان جي مَحبَّت ۽ عَظمَت قائِم ۽ دائِم آهي، ماڻهن جا وڏي تعداد اوهان جي مَزارِ پُر اَنوار تي حاضِري جي سَعادَت ماڻيندا آهن ۽ پنهنجون خالي جهوليون مُرادن سان ڀريندا آهن.

## پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو تَعارُف:

**داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو نالو ”عَلي“ وَالِد جو نالو ”عُثمان“ آهي. پاڻ رَحْمَةُاللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو سِلسِلهء نَسَب ڇهه (6) واسِطن سان سَيِّدُ الشُّهدا، راڪبِ دوشِ مُصطَفٰي، حَضرَتِ سَيِّدُنَا امامِ حَسَنِ مُجتَبيٰ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ سان وڃي ملي ٿو. (بزرگانِ لاهور،ص۲۲۲) سندن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي ڪنيت ”اَبُوالْحَسَن“ آهي. (اردو دائرة المعارف، ۹/۹۱) جڏهن تہ مَشهور ۽ مَعرُوف لَقب ”گَنج بَخش“ آهي. اِن لَقب جي سَبَبِ تَسمِيہ (نالي رکڻ جو سبب) ڪجھ هِن طرح آهي تہ حضرت خواجهء خواجگان، سَيِّدُنَا مُعِينُ الدّين چِشتي اجميري سَنجَري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى



www.dawateislami.net

عَلَيْه جو ڪجهه عَرصي تائين سندن جي مَزارِ فائِضُ الْاَنْوار تي مُعْتَڪف رهيا ۽ حَضرَتِ داتا گَنج بَخْش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي فُيوضِ باطِني سان مالامال ٿي ڪري جڏهن اَلْوَداعي فاتِحه جي لاءِ حاضِر ٿيا ته زَبانِ مُبارَڪ تي بي ساخته هي شِعر اچي ويو:

غم مجھے میٹھے مدینے کا عطا کردو شہا      میرا سینہ بھی مدینہ دو بنا داتا پیا

گَنْج بَخْش فَیضِ عالم، مَظْہَرِ نُورِ خُدا
ناقصاں را پِیرِ کامل، کامِلاں را رَہنُما

حَضرَتِ سَيِّدُنا سُلطانُ الهِنْد خواجه غَريب نَواز رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي زَبانِ مُبارَڪ کان جاري ٿيڻ وارو لَقَب "گَنج بَخْش" اج پُوري بَرِصَغير ۾ گُونجي رهيو آهي.

ايستائين جو ڪجهه ماڻهو ته **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي اِسمِ مُبارَڪ کان به ناواقِف هوندا آهن ۽ فقط "داتا گَنج بَخْش" جي لَقَب سان ئي ياد ڪندا آهن.

(محفلِ اولیا،ص۳۸۸، ملخصاً)

منا منا اسلامي ڀائرو! حُضُور داتا گَنج بَخْش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جي وِلادَتِ با سَعادَت ڪم و بيش 400 هه ۾ غَزني شهر ۾ ٿي. ڪجهه عَرصي کان پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو خاندان مَحَلہ **هجوير** مُنتَقِل ٿي ويو، انهيءَ نِسبَت جي ڪري **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هجويري سڏيا وڃن ٿا. (اردودائرة المعارف ،ج ۹،ص۹۱ ملخصاً)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## راهِ خُدا ۾ سفر:

**داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جن پنهنجي زماني جي ڪيترن ئي عَظِيمُ الْمَرْتَبَت (يعني بُلند رُتبي وارن) ائمهءِ طَرِيقَت ۽ شَرِيعَت کان عِلم ۽ مَعرِفَت جي جام پيتا، عُمر جو هڪ وڏو حِصّو سَفَر ۾ گُذاريو، جنهن جو مَقصَد الله عَزَّوَجَلّ جي نيڪ ٻانهن سان مِلڻ، اُن جي فَيضان کان فَيض ياب ٿيڻ، پنهنجي نَفس کي مَشَقَّتن ۽ تڪليفن



www.dawateislami.net

جوعادي بڻائي ڪري الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا ۽ خُوشنُودي حاصل ڪرڻ آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن ڪرمان، سِيستان، تُرڪسُتان، ماوَراءالنَّهر، خُوزِسُتان، طَبرِسُتان، آذربائيجان، فارس، عِراق، شام، فَلَسطِين ۽ حِجازِ مُقدَّس سَميت ڪيترن ئي مُلڪن جو سَفَر ڪيو. (اردو دائرة المعارف،۹/۹۴) **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جَواني جي عمر ۾ ئي عُلومِ ظاهري جي تَڪمِيل ڪري چڪا هئا، سندن جي عِلمي مَقام جو اندازو اِنهي واقعي مان لڳائي سگهجي ٿو ته هڪ ڀيري سُلطان محمود غَزنَوي جي مَوجُودگي ۾ حَضرَتِ داتا عَلي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو هڪ غير مُسلِم فَلسَفي سان مُڪالَمو ٿيو ته **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي عِلمي قابِليت سان زَبردَست جوابن جي ذَرِيعي اُن کي خاموش ڪري ڇڏيو، جڏهن ته اُن وَقت توهان جي عُمر وڏيڪ نه هئي، ڇو جو اِن مُڪالَمي کي سُلطان محمود غَزنَوي جي زِندگي جي آخِري سال ۾ به فَرض ڪيو وڃي ته اُن وَقت توهان جي عُمرِ مُبارَڪ تقريبًا 20 سال ٿئي ٿي.

(پيش لفظ ازکشف المحجوب،ص ۱۲)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

میٹھے میٹھے مصطفٰے کی بارگاہِ پاک میں کیجئے میری سفارش آپ یا داتا پیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## علمِ دِين جي حُصُول جو شوق:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته داتا گَنج بَخش رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه کي علمِ دين حاصِل ڪرڻ جو ڪيتري قَدَر شوق هو؟ علمِ دين جي حُصُول جي خاطِر **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن عِراق، شام، ۽ حِجازِ مُقدَّس سَميت ڏهه (10) کان وڌيڪ ملڪن جو سَفَر ڪيو ۽ ان ڪندن ڀري واٽ ۾ ڪيترن ئي ناخُوشگوار واقِعن سان به همڪنار ٿيا، پر صَبر ۽ رِضا جا پيڪر ۽ رَبّ تَعالیٰ جي شُڪرگُذار رهيا . هاڻي ٿورو غُور ڪريو ته هڪ طرف ته اسان جي بُزرگن جو هي حال هو جو عِلمِ دِين



www.dawateislami.net

حاصل ڪرڻ جا ذَريعا اِنتهائي مشڪل هئڻ جي باوُجُود هي مُبارَڪ هستيون محنت ۽ لگن سان علمِ دين حاصِل ڪنديون رهيون ۽ ماڻهن ۾ نيڪي جي دَعوَت عام ڪنديون رهيون،ان جي برعَڪس اسان جو معاملو هي آهي تہ اڄ هن تَرَقّي يافتہ دؤر ۾ جڏهن تہ عِلمِ دين حاصِل ڪرڻ اِنتهائي آسان ٿي چڪو آهي، تمام تر سَهولَتن ۽ آسائشن جي باوُجُود بہ اسان علمِ دين ڪان پَري آهيون ايستائين جو فَرض عُلُوم سکڻ جي بہ فُرصَت ناهي. اسان خُود کي ۽ پنهنجي اَولاد کي دُنيوي فائدا ڏيارڻ جي لاءِ عُلُوم ۽ فُنُون تہ سِيکاريندا آهيون جو اَعليٰ ڊگريون حاصِل ڪري اسان جو نالو رَوشَن ڪرڻ سان گڏوگڏ اولاد جو عارضي مُستقبل بہ روشن ٿئي، پر اَفسوس ! اسان کي پنهنجي آخِرت سَنوارڻ جي بلڪل فِڪر ناهي. يادرکو! علمِ دين سکڻ هر مُسَلمان مَرد ۽ عَورت تي فَرض آهي.

## ڪيترو عِلم سکڻ فَرض آهي؟

**حَديثِ پاڪ** ۾ آهي: طَلَبُ العِلۡمِ فَرِيۡضَةٌ عَلٰى كُلِّ مُسۡلِمٍ. يعني عِلم جو طَلَب (حاصل ڪرڻ) هر مُسَلمان مَرد (اهڙي طرح عَورت) تي (بہ) فَرض آهي.

(ابن ماجہ، ڪتاب السنۃ، باب فضل العلماء والحث الخ،١/١٤٦، حديث٢٢٤)

شيخِ طريقت، اَميرِاهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علّامہ مَوۡلانا اَبُوبلال محمدالياس عطّار قادِري رَضَوي ضِيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه فرمائن ٿا: اِن حديثِ پاڪ جي تَحت منهنجي آقا اعليٰ حضرت، اِمامِ اَهلسنّت، مَوۡلانا شاه اِمام اَحمد رَضا خان رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه جن جيڪو ڪجهه فرمايو ،اُن جو آسان لفظن ۾ مُختَصَراً خُلاصو عَرض ڪرڻ جي ڪوشِش ڪريان ٿو. سڀ ڪان پهريان ۽ اَهم تَرين فَرض هي آهي تہ **بُنيادي عقائِد** جو عِلم حاصِل ڪري، جنهن سان انسان صَحِيحُ العَقِيدَه سُنّي بڻجندو آهي ۽ جن جي اِنڪار ۽ مُخالَفَت سان ڪافِر يا گُمراه ٿي ويندو آهي. اِن ڪان بعد **نَماز جا مسئلا** يعني اِن جي **فَرائِض** ۽ **شَرائِط** ۽ **مُفسِدات** (نماز ٽوڙڻ واريون شيون) سکي تہ جيئن نَماز صحيح طور تي ادا ڪري سگهي. پوءِ جڏهن رَمَضانُ المُبارَڪ جي تَشرِيف آوَري هجي تہ **روزن جا مَسائِل**، مالِڪ نِصابِ نامي (يعني حقيقةً يا حكمًا وڏن



www.dawateislami.net

واري مال جي نِصاب جو مالڪ) تي وجي ته **زڪوٰة جا مَسائِل**، صاحِبِ اِستِطاعَت هجي ته مَسائِلِ **حَج**، **نِڪاح** ڪرڻ چاهي ته ان جا ضَرُورِي مَسائِل، تاجر هجي ته **خريد ۽ فروخت جا مَسائِل**، مُزارِع يعني آبادگار (۽ زميندار) تي **پنهنجي پوک جا مسائل**، مُلازِم بنجڻ ۽ مُلازِم رکڻ واري تي **اجاري جا مَسائِل**. وَعَلٰی هٰذَاالْقِياس (يعني ۽انهيءَ تي قِياس ڪندي) هرمُسلمان عاقِل ۽ بالِغ مرد ۽ عورت تي اُن جي مَوجُودَه حالَت جي مُطابِق مَسئلا سکڻ فَرضِ عين آهي. انهيءَ طرح هر هڪ جي لاءِ حَلال ۽ حَرام جا مسئلا به سکڻ فَرض آهن . گڏوگڏ **مَسائِلِ قلب** (باطِني مسائل) يعني **فرائِضِ قلبِيه** (باطني فرائض) مَثلاً عاجزي ۽ اِخلاص ۽ تَوڪل وغيره ۽ ان جو حاصِل ڪرڻ جو طريقو ۽ **باطِني گُناهه** مَثلاً تڪبُّر، رياڪاري، حَسَد وغيره ۽ ان جو عِلاج سکڻ هر مسلمان جي اَهم فَرضن مان آهي. (ڪفريه ڪلمات ڪے بارے ميں سُوال جواب ،ص ۳۴۲)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! مَعلُوم ٿيو ته دِين جو بُنيادِي عِلم نه سکڻ، آخرت جي تَباهي ۽ بَربادِي جو سَبَب بڻجي سگهي ٿو ڇو جو جڏهن نماز، روزو، حج، زڪوٰة، نِڪاح، تِجارت، مَزدُوري ۽ ٻين مُعامَلن جي باري ۾ دِيني مَعلُومات نه هوندي ته يقيناً انهن ڪمن ۾ شَرعي غَلَطيون به سرزد ٿي ويندبون جنهن جي سبب آخرت ۾ پڪڙ ٿي سگهي ٿي. تنهنڪري زندگي جي اِن اَنمول گهڙين کي غَنِيمَت سمجهندي حُصُولِ علمِ دين جي ڪوشش ۾ مصروف رهندي **دعوتِ اسلامي** جي مَدَني ماحول سان وابَستہ ٿي وڃو اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جي برڪت سان پابندِ سُنّت بنجڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ آخرت جي لاءِ ڪڙهڻ جو ذِهن بڻجندو.

گو ذليل وخوار ہوں پاپی ہوں میں بدکار ہوں آپ کا ہوں آپ کا ہوں آپ کا داتا پیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مرڪزالاولياء (لاهور) ۾ تشريف آوري:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ بُرائي کان مَنع ڪرڻ اهو



www.dawateislami.net

عظيم ڪم آهي، جنهن جي تڪميل جي لاءِ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ وقتًا فوقتًا پنهنجي اَنبِيَاءِ عَلَيْهِمُ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي هن دُنيا ۾ مَبعُوث فرمايو. ايستائين جو تَاجدارِ ڪائنات صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به انهيءَ مَقصَد جي لاءِ هن دُنيا ۾ تَشرِيف فرما ٿيا. حُضُور صَلَّى اللّٰه تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ اُمَّت کي نيڪي جي دَعوَت ڏيڻ ۽ ان جي تربِيت جو اِهو ڪم بارگاهِ نُبوَّت جي براهِ راست تَربِيت يافته صَحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن سنڀالي ورتو. صحابهءِ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان کان پوءِ به هر دؤر ۾ بُزرگانِ دين اسلامي تعليمات جي نُور سان ماڻهن جي دِلين کي مُنوَّر ڪيو. حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن به انهيءَ مَقصَد کي پنهنجو شِعار بڻايو ۽ نيڪي جي دعوت جي هن اَهم فَرِيضي کي نِڀائڻ جي لاءِ مرڪزالاولياء (لاهور) پهچي ويا. **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن (مرڪزالاولياء) لاهور ۾ عِلم ۽ حِڪمَت جي اهڙا دَريا وهايا جو اهو شهر جيڪو پهريان ڪُفر ۽ شِرڪ جي اونداهه سان ڍڪيل هو، حُضُور سَيِّدُنَا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي ڪوشِشن سان قَلعهءِ اِسلام بڻجي ويو، **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي حُسنِ اَخلاق، حُسنِ ڪردار ۽ نَرم گُفتار سان ڪيترن ئي دلين ۾ اوهان جي مَحبَّت راسخ ٿي وئي. مرڪزالاولياء (لاهور) ۾ **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قيام جي مُدَّت تقريبًا ٽيهه (30) سال هئي. (اللّٰه کے خاص بندے، ص۴۶۸) هن پُوري عَرصي ۾ **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه ڏينهن رات دِين جي تَبليغ ۾ مَشغُول رهيا، توهان جي بي داغ سِيرت، دِلڪش گُفتُگو، پُرنُور شَخصِيت ۽ دِلين ۾ لهڻ وارا ارشاداتِ عاليه ماڻهن کي ڪُفر ۽ ضَلالَت (گمراهي) جي دَلدَل کان ڪڍي ڪري هدايت جي راهه تي گامزَن ڪندا رهيا. مرڪزالاولياء (لاهور) ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجي قِيام گاهه جي ويجهي هڪ جڳهه مَسجِد جي تَعمِير جو سنگِ بنياد رکيو ۽ ان مسجد جي تعمير جي وَقت **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن خود مزدورن جيان ڪم ڪيو ۽ وڏي مَحبَّت ۽ جذبي سان ان جي تعمير ۾ اڳتي اڳتي رهيا، مرڪزالاولياء (لاهور) شهر ۾ اها پهرين مسجد هئي جيڪا هڪ وَلي اللّٰه جي هٿان تعمير ٿي. (اللّٰه کے خاص بندے، ص۴۶۹) حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گنج بَخش رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پوري زندگي خُوب مَحبَّت ۽ لگن سان خدمتِ دين جو ڪم سرانجام ڏنو، ڏڪايل اِنسانيت کي اَمن ۽



www.dawateislami.net

سُکون جو پَيغام ڏنو ۽ پنهنجي مُرِيدن ۽ مُحِبِّين جي دِيني ۽ دُنياوي حاجتن کي پُورو فرمايو. اڄ بہ **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي مَزارِ فائِضُ الْاَنوار مان پنهنجي عقيدت مندن جي حاجت رَوائي فرمائيندا آهن، انهن جون پريشانيون حَل فرمائيندا آهن ۽ پنهنجي رُوحاني فيضان سان جنهن کي چاهيندا آهن مالامال ڪندا آهن.

مَیں ہوں عصیاں کا مریض اور تم طبیبِ عاصیاں ہو عطا مجھ کو گناہوں کی دوا داتا پیا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## داتا صاحب ۽ حاضري مزارات:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَوْلِياءُالله جي مَزارات تي حاضِري جي بَرکت سان دُعائون قَبول ٿينديون آهن، مُشڪلاتن ۽ مُصيبتن کان نَجات ملندي آهي، خاص اِن نَظَرِيي سان اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مَزارات تي وڃڻ بہ اسان جي بُزرگن جو طريقو رهيو آهي. جيئن تہ

حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گَنْج بَخْش علي هجْويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو بہ ھي مَعمُول هو تہ اُهي بُزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مَزارات تي حاضِري ڏيندا آهن، مَزارات تي حاضِري جي مُتَعلِّق پنهنجا ڪيترائي واقِعا اُنهن پنهنجي مَشهور ۽ مَعرُوف ڪتاب "ڪَشْفُ الْمَحْجُوب" ۾ دَرج ڪيا آهن. اچو تہ اُن مان ڪجھ سماعت ڪريون ٿا: جيئن تہ

1. حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا گَنْج بَخْش علي هجْويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: "آئون هڪ ڏينهن سفر ڪندي ملڪ شام ۾ مؤذنِ رسول، حضرت سَيِّدُنَا بلال رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي مزار شريف تي حاضر ٿيس، اُتي منهنجي اک لڳي وئي ۽ مون پاڻ کي مَڪۂ مُعظَّم (زَادَهَا اللّٰهُ شَرَفًا وَّتَعْظِيْمًا) ۾ ڏٺم. ڇا ٿو ڏسان تہ سرڪارِمدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قبيلہ بني شيبہ جي دروازي تي موجود آهن ۽ هڪ وڏي عُمر واري شخص کي ڪنهن ننڍي ٻار وانگر ڪڇي ۾ کنيو آهن، مون مَحبَّت وچان بي قرار



www.dawateislami.net

تي ڪري حُضُور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرف ڊوڙيس ۽ پاڻ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ قدمن کي بوسو ڏنم، دل ئي دل ۾ هن ڳالھ تي وڏو حيران ٿيس ته هي ضعيف شخص ڪير آهي؟ ايتري ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيوب صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قوتِ باطني ۽ علمِ غيب جي ذريعي منهنجي حيرت ۽ اِستِعجاب (تعجب) جي ڪيفيت ڄاڻِ ورتي ۽ مون سان مخاطب ٿي ڪري فرمايو: ”هي ابوحنيفه آهن ۽ تنهنجا امام آهن.

(ڪشف المحجوب ،ص،٢١٦ ضياء القرآن ملخصاً)

2. مزيد فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مون کي هڪ مُشڪل دَرپيش آئي، مون اُن جي حل جي ڪوشِش ڪئي پر ڪامياب نه ٿيس، اِن کان پهريان به مون تي اهڙي ئي مُشڪل آئي هئي، ته مون حَضرَتِ شيخ ابو يزيد رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي مَزار شَريف تي حاضِري ڏني هئي ۽ منهنجي اها مُشڪل آسان ٿي وئي هئي. هن ڀيري به مون اِرادو ڪيو ته اُتي حاضِري ڏيان. انهيءَ نِيت سان ٽن (3) مهينن تائين اُنهن جي مَزار مُبارَڪ تي چِلّہ ڪَشي ڪئي، ته جيئن منهنجي مُشڪل حل ٿي وڃي. (ڪشف المحجوب، ص٦٥)

3. حضرت اَبُوالعباس قاسم بن مَهدي رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه جي باري ۾ حُضُورداتا گَنج بخش رَحْمَةُ اللہِ تَعَالٰی عَلَیْه اِرشاد فرمائن ٿا ته اڄ تائين انهن جو مَزار ”مَرَوَ“ (تُرڪمانستان) ۾ مَوجُود آهي ۽ تمام مَشهور ۽ مَعرُوف آهن، ماڻهو اُتي مُرادون گهُرڻ ويندا آهن ۽ وڏيون وڏيون مُشڪلاتون حَل ڪرڻ جي لاءِ انهن کان طالبِ اِمداد (مدد گهُرندا) آهن ۽ اُنهن جي اِمداد ڪئي ويندي آهي، اها ڳالھ تمام مُجَرَّب (يعني ڪيترا ئي ڀيرا آزمائي وئي) آهي.

(ڪشف المحجوب،ص١٦٥)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تعالٰى عَلٰى مُحَمَّد



www.dawateislami.net

## اَولياءِ ڪرام حَيات آهن:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو ته! سَيِّدُنا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جو به هي عقيدو هو ته نه صرف مَزارات تي وڃڻ باعِثِ برڪت آهي بلڪ اُتي مُشڪلاتون به حَل ٿينديون آهن ۽ هي سڀ صاحِبِ مَزار ئي جو فُيضان هوندو آهي. مُمڪن آهي ته ڪنهن کي هي وَسوَسو اچي ته اَولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى جو فُيض ڪيئن مِلي سگهي ٿو؟ ڇو جو اُهي ته وَفات ڪري چڪا آهن. ياد رکو! اَولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰى ربِّ ڪائنات عَزَّوَجَلَّ جي عِنايتن سان مَزارات ۾ نه صرف حَيات هوندا آهن بلڪ زائِرين (پنهنجي مَزارات جي زِيارَت ڪرڻ وارن) جي هدايت ۽ مدد به فرمائن ٿا.

حضرت سَيِّدُنَا اِمام اسماعيل حَقّي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: انبياء، اَولِياء ۽ شُهداء جا جسمَ قبرن ۾ نه مُتَغير ٿيندا آهن ۽ نه ئي بوسِيدا ٿيندا آهن، ڇو جو الله عَزَّوَجَلَّ اُنهن جي جِسمن کي اِن خَرابي کان جيڪا گوشت جي ڳِرڻ سَڙڻ کان پيدا ٿيندي آهي ،مَحفُوظ رکيو آهي. (تفسير روح البيان، ج٣، ص٤٣٩)

شَيخ عبدُالحق مُحدّثِ دِهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جي اَولياء هن دارِ فاني کان دارِ بَقا جي طرف لَڏي ويا آهن ۽ پنهنجي پَروَرْدگار جي آڏو زِنده آهن اُنهن کي رِزق ڏنو ويندو آهي، اُهي خُوش حال آهن ۽ ماڻهن کي ان جو شُعُور ناهي. (اشعة اللمعات، کتاب الجهاد، باب حکم الاسراء ،٣/ ٤٢٣)

حَضرَتِ علّامه علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: اَوْلِياءُ الله جون ٻئي حالتون (زِندگي ۽ مَوت) ۾ اَصلاً (ڪو) فَرق ناهي،انهيءَ لاءِ چيو ويو آهي ته اهي مرندا ناهن بلڪ هڪ گهر کان ٻي گهر ۾ تشريف وٺي ويندا آهن.

(مرقاة شرح مشكوٰة باب الجمعة فصل الثالث، ٣/٤٥٩)(ازفتاوی رضویۃ، ج٩، ص٤٣٣)

کون کہتا ہے ولی سَب مر گئے؟
قید سے چھوٹے وہ اپنے گھر گئے!



www.dawateislami.net

## حاضري مزارات، برڪت جو سبب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! انهن جَلِيلُ الْقَدْر آئمہء ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي تَصرِيحات (وضاحتن) مان اهو مَعلُوم ٿيو تہ اَنبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام، شُهداءِ عُظام ۽ اَولِياءِ ربّ سلام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی سڀ پنهنجي پنهنجي مَزارات ۾ زِنده هوندا آهن ۽ تَصرُّف بہ فرمائن ٿا. انهيءَ لاءِ صرف عوام ئي نہ بلڪ وڏن وڏن عُلَماء ۽ فُضَلاء جو هي مَعمُول رهيو آهي تہ اُهي پنهنجي مُشڪلاتن جي حَل جي لاءِ اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مَزارات تي حاضِري ڏيندا هئا. اچو تہ اِنهيءَ باري ۾ بُزرگانِ دِين رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جا ٽي (3) فرمان ٻُڌون ٿا. جيئن تہ

1. مشهور حَنبَلي مُحدّث حضرت امام خَلَّال ابوبڪر احمد بن محمد بَغدادي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: مون کي جڏهن ڪو مُعامَلو (پريشاني) دَرپيش ايندي آهي، آئون اِمام مُوسيٰ ڪاظِم بن جَعفَر صادِق رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمَا جي مَزار تي حاضِر ٿي ڪري سندن جو وسيلو پيش ڪندو آهيان. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي مُشڪل کي آسان ڪري مون کي منهنجي مُراد عَطا فرمائي ڇڏيندو آهي. (تاريخ بغداد، ج ١ ص ١٣٣)

2. ڪروڙن شافِعِين جا پيشوا حَضرَتِ سيدُنا امام محمد بن اِدريس شافعي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا : مون کي جڏهن ڪا حاجت پيش ايندي آهي تہ آئون بہ (2) رَڪعَت نَماز ادا ڪري امامِ اَعظم اَبُو حنيفہ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي مَزارِ پُر اَنوار تي وڃي ڪري دُعا گهُرندو آهيان، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ منهنجي حاجت پوري ڪري ڇڏيندو آهي. (الخيرات الحِسان ص ٩٤)

3. حضرت سيدُنا يحييٰ بن سليمان رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا تہ مون کي هڪ حاجت ٿي ۽ آئون ڪافي تَنگدَسّت بہ هئس. مون حَضرَتِ مَعرُوف ڪرخي رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه جي قَبرِ اَنور تي حاضِري ڏني، ٽي (3) ڀيرا سوره‍ءِ اِخلاص جي تِلاوت ڪئي ۽ ان جو ثَواب پاڪ رَحمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَيْه ۽ تمام مُسلمانن جي روحن



www.dawateislami.net

کي پھچايو، پوءِ پنھنجي حاجت بَيان ڪئي. جيئن ئي آئون اُتان ڪان واپس آيس منھنجي حاجت پُوري ٿي چڪي ھئي. (الروض الفائق ص١٨٨)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ايصالِ ثواب جي اهميت:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل واقعن مان مَعلُوم ٿيو ته اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی جي مَزارات تي دُعائون قَبُول ٿينديون آھن، گڏوگڏ بُزرگانِ دين ۽ اَولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کي ايصالِ ثواب ڪرڻ جي اَھميت به معلوم ٿي، تنھنڪري اسان کي به ھي معمول بنائڻ گھرجي! ته جڏھن به ڪنھن بُزرگ جي مَزار شريف تي حاضِري جو شَرَف حاصِل ٿئي ته صاحبِ مَزار کي ضَرور ايصالِ ثواب به ڪريون. اسان کي ان جون وڏيون بَرڪتون ملنديون. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ

حضرت سيدُنا امام ابوالقاسم عبدالڪريم بن ھوَازِن قُشَيرِي رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْه نَقل فرمائن ٿا: ته ھڪ بُزرگ جو بَيان آھي: آئون حَضرَتِ رابِعہ بَصَريہ رَحْمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيْها جي حَق ۾ دُعا ڪندو ھئس، ھڪ ڀيري مون انھن کي خواب ۾ ڏٺو، فرمائي رھيون ھيون: ”تنھنجا تُحفا (يعني دعائون ۽ اِيصالِ ثواب) نُور جي طَبقن ۾ اسان وٽ ايندا آھن جيڪي نُورجي رومالن سان ڍڪيل ھوندا آھن.“

(الرسالۃ القشيرية، باب رؤيا القوم، ص٤٢٤)

## مَزارات تي حاضري جا آداب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اَولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ تَعَالٰی کان برڪتون حاصِل ڪرڻ جي لاءِ ان جي مَزارات تي حاضِري جا به ڪجھ آداب ھوندا آھن.
حاضِري کان پھريان ڪھڙيون ڪھڙيون سُنيون نيّتون ھئڻ گھرجن؟
مَزارات تي وڃي ڪري ڪھڙيون دُعائون ڪرڻ گھرجن؟ مَزارات تي



www.dawateislami.net

حاضِري جي ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن؟ وغيره وغيره هي سڀ ڄاڻڻ جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي اِشاعَتِي اداري مَڪتبۃُ الْمَدِينہ جي مطبوعہ 48 صفحن تي مُشتَمِل رسالي ”مَزاراتِ اولیاء کی حکایتیں“ هديۃً حاصِل فرمائي ڪري اِن جو مُطالعوفرمايو، اِنْ شَآءَاللہ عَزَّوَجَلَّ معلومات ۾ ڪافي اضافو ٿيندو. اچو ته انهيءَ رسالي مان مَزارات تي حاضِري جو طريقو ۽ ان جا مَدَني گُل ٻُڌون ٿا.

(جيڪڏهن ڪو شَخص ولي اللهؒ جي مَزار شريف يا) ڪنهن به مُسَلمان جي قَبَر جي زِيارَت لاءِ وڃي ته مُستَحَب هي آهي ته پهريان پنهنجي مَڪان تي (غير مڪروه وَقت ۾) ٻه (2) رَڪعَت نَفَل پڙهي، هر رَڪعَت ۾ سُوْرَةُالْفَاتِحَه ڪان پوءِ هڪ (1) ڀيرو اٰيَةُ الْكُرْسِي ۽ ٽي (3) ڀيرا سُوْرَةُ الْاِخْلَاص پڙهي ۽ اُن نماز جو ثَواب صاحبِ قَبَر کي پهچائي، اللہ عَزَّوَجَلَّ اُن فَوت شُده ٻانهي جي قَبَر ۾ نُور پيدا ڪندوءِ اِن (ثَواب پهچائڻ واري) شَخص کي تمام گهڻو ثَواب عَطا فرمائيندو. (فتاوٰي عالمگيري ج٥ص٣٥٠) پوءِ سُنيون سُنيون نيّتون ڪرڻ ڪان پوءِ مَزارات جي طرف روانو ٿئي ۽ (زائر يعني زِيارت ڪرڻ واري کي گهرجي ته اَولِياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰه تَعَالٰی جي) مَزاراتِ طيبات تي حاضِر هئڻ ۾ پيراندي (يعني پيرن) جي طرف ڪان وڃي ۽ گهٽ ۾ گهٽ چار (4) هٿ جي فاصِلي تي مُواجهه (يعني چهري جي سامهون) بيهي ۽ مُتَوَسِّط (يعني درمِياني) آواز ۾ (هن طرح سَلام عَرَض ڪري: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاسَيِّدِىْ وَرَحمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ ، پوءِ ”دُرُودِ غَوْثِيه“ ٽي (3) ڀيرا، اَلْحَمْد شريف هڪ (1) ڀيرو، اٰيَةُ الْكُرْسِي هڪ(1) ڀيرو، سُوْرَةُ الْاِخْلَاص ست (7) ڀيرا، پوءِ ” دُرُودِ غَوْثِيه“ ست (7) ڀيرا ، ۽ وَقت اجازت ڏئي ته سُوْرَةُ يٰسٓ۽ سورۂ مُلک به پڙهي ڪري اللہ عَزَّوَجَلَّ ڪان دُعا ڪري ته اِلٰهي! هن قِراءَ ت تي مون کي اِيترو ثَواب ڏي جيڪو تنهنجي ڪرم جي قابِل آهي، نه ايترو جيڪو منهنجي عَمَل جي قابِل آهي ۽ ان کي منهنجي طرف ڪان هن مَقبول ٻانهي کي نَذر پهچاءِ. پوءِ پنهنجو جيڪو مطلب، جائز (۽)



www.dawateislami.net

شرعِي هجي، اُن جي لاءِ دُعا ڪري ۽صاحبِ مَزار جي رُوح ڪي الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاھ ۾ پنهنجو وسيلو قرار ڏئي، پوءِ اهڙي طرح سَلام ڪري واپَس اچي.

(فتاوٰي رضويه: ٩/٥٢٢،از مزاراتِ اوليا کي حکايات، ص١۶،۶)

## نِيازتقسيم ڪرڻ جا اِحتِياط:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! عام طور تي ڏٺو ويندو آهي ته مَزاراتِ اَوْلياء تي نِياز بہ تقسيم ڪيو ويندو آهي، هي بہ صاحبِ مَزار کي ايصالِ ثواب ڪرڻ جو هڪ طريقو آهي. يقيناً الله عَزَّوَجَلَّ جي رِضا حاصِل ڪرڻ جي لاءِ نِياز وغيره تقسيم ڪرڻ جي وڏي فَضِيلت هي، جيئن تہ اَعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَیۡه فتاويٰ رَضَوِيہ جلد 24 صفحي 521 تي لِکن ٿا: ڪاڏوڪارائڻ، لنگر تقسيم بہ مَنۡدُوب (يعني سنو عمل) ۽ باعِثِ اجر آهي، حديث ۾ آهي: رَسُولُ الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: اِنَّ اللهَ عَزَّوَجَلَّ يُبَاهِيۡ مَلٰٓئِكَتَهٗ بِالَّذِيۡنَ يُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ مِنۡ عَبِيۡدِهٖ. يعني الله عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اُنهن ٻانهن سان گڏ (هوندو آهي) جيڪي ماڻهن کي ڪاڏو ڪارائيندا آهن، فِرشتن تي مُباهات (يعني فَخر) فرمائيندو آهي.

(الترغيب والترهيب ،ج٢،ص٣٨، الحديث٢١،ازفتاوي رضويه، ج٢۴،ص٥٢١)

پر لنگر (نياز) تقسيم ڪندي هن ڳالهہ جو خيال ضَرور رکو تہ ڪنهن بہ طرح لنگر (نياز) جي بي حُرمَتي ۽ بي ادبي نہ ٿئي، نہ پيرن ۾ اچي، نہ مَزار شريف جو فَرش آلوده ٿئي، ڌِڪ ڌِڪان کان بچڻ جي لاءِ اسلامي ڀائرن کي ويهاري ڪري يا قَطار ٺاهي ڪري لنگر (نياز) تقسيم ڪيو وڃي، اچڻ وارن زائرين جي حُقُوق جو خيال رکيو وڃي جو لنگر (نياز) تقسيم ڪرڻ جي سبب انهن کي حاضِري ڏيڻ ۾ ڪنهن قِسَم جي تڪليف کي منهن نہ ڏيڻو پوي ۽ خاص طور تي مَزار شريف جي تعظيم جو مڪمل اِهتِمام ڪيو وڃي، ائين نہ ٿئي جو هڪ طرف لنگر (نياز) تقسيم ڪري اجر ۽ ثواب جا مُستَحِق بڻجي ۽ ٻي طرف مَزار شريف جي بي اَدبي جا مُرتَڪب



www.dawateislami.net

تي وڃي. کاڌي جي نِياز سان گڏوگڏ مَڪتَبةُ الۡمَدِينہ جي مَطبُوعہ ڪتابون ۽ رسالا تقسيم ڪري بہ بي شُمار ثَوابِ جارِيہ، صاحِبِ مَزار جي خدمت ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. (مزاراتِ اوليا کي حکايات، ص١٧)

## ڪاڌو ڪِري پوي تہ؟

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! نہ صرف مَزار شريف ۾ لنگر (نياز) تقسيم ڪندي بلڪ هر جڳهہ ڪاڌو کائيندي ۽ کارائيندي اِحتِياط ڪرڻ گهرجي تہ ڪٿي ڪاڌي جا ذرا وغيره ضائع نہ ٿين. جيڪڏهن ڪٿي ڪو لُقمو (گِراهہ) ڪِري پوي ۽ تنفيرِ عوام(ماڻهن جي نفرت) جو انديشو بہ نہ هجي تہ ماڻهن جي پرواهہ نہ ڪندي کڻي ڪري کائڻ گهرجي، اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون نصيب ٿينديون.

اُمُّ الۡمُؤمِنين سَيِّدتنا عَائِشہ صِدِّيقہ رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا فرمائن ٿيون، ”پنهجي جهانن جا سلطان، شهنشاهِ ڪون و مڪان، رحمتِ عالميان صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم گهر مبارڪ ۾ تشريف کڻي آيا، مانيءَ جو ٽڪر ڪِريل ڏٺائون تہ ان کي کڻي ڪري اگهيائون پوءِ کاڌائون ۽ فرمائڻ لڳا، ”عائشہ! (رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنۡهَا) سٺي شيءِ جو احترام ڪريو، جو اها شيءِ(يعني ماني) جڏهن ڪنهن قوم کان ڀڄي آهي تہ موٽي ناهي آئي“.. (ابنِ ماجه،کتاب الاطعمة،باب النهى عن القاء الطعام، ٥٠/٤، حديث:٣٣٥٣)

## ڪاڌو ضايع نہ ڪريو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄڪلهہ هر ڪو بي برڪتي ۽ تنگدستيءَ جي شڪايت ڪري رهيو آهي. ٿي سگهي ٿو جو مانيءَ جو احترام نہ ڪرڻ جي اها سزا هجي. اڄ شايد ئي ڪو مسلمان اهڙو هجي، جيڪو ماني ضايع نہ ڪندو هجي، هر طرف کاڌي جي بي حرمتي جا دل ساڙيندڙ نظارا آهن، شادي جون تقريبات هجن يا بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللہُ تَعَالٰی جي نياز جا تبرڪات.



www.dawateislami.net

افسوس صد ڪروڙ افسوس! دسترخوانن ۾ ڪِلمن تي بيدردي سان ڪاڏو ڪيرايو ويندو آهي، ڪاڏي جي دوران هڏين سان گڏ ٻوٽي ۾ مصالحو بلڪل صاف ناهي ڪيو ويندو. گرم مصالحي سان گڏ به ڪاڏي جا بيشمار جزا ضايع ڪيا ويندا آهن، ٿالهن ۾ ٻچيل ٿورو ڪاڏو ۾ پيالن، ديڳڙين ۾ ٻچيل رس بيهر استعمال ڪرڻ جو اڪثر ماڻهن جو ذهن ناهي، اهڙي طرح تمام گهڻو ٻچيل ڪاڏوعام طور تي ڪچري جي ڍير جي حوالي ڪيو ويندو آهي، هاڻي تائين جيترو به اسراف ڪيو آهي ، براءِ مهرباني ان کان توبهه ڪريو. آئنده ڪاڏي جو هڪ به داڻو ۽ رس جي هڪ به قطري جواسراف نه ٿئي ان جو به عهد ڪريو، واللهِ الْعَظِيم! (يعني عظمت واري رب جو قسم) قيامت ۾ ذري ذري جو حساب ٿيڻو آهي، يقيناً ڪو به قيامت جي حساب جي طاقت نه ٿو رکي، توبهه سچي توبهه ڪري ڇڏيو. دُرودِ پاڪ پڙهي ڪري عرض ڪيو، يا الله عَزَّوَجَلَّ اڄ تائين مون جيترو به اسراف ڪيو آهي ان کان ۽ تمام صغيره ۽ ڪبيره گناهن کان توبهه ڪريان ٿو ۽ تنهنجي عطا ڪيل توفيق سان آئنده گناهن کان بچڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس، يا ربِ مُصطفيٰ عَزَّوَجَلَّ منهنجي توبهه قبول فرماءِ ۽ مونکي بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم (فيضانِ سنت،ص۲۵۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## بيان جو خلاصو:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان حَضرَتِ سَيِّدُنَا داتا علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي سِيرت ۽ ڪردار جي مُتَعلِّق بيان ٻُڌو. **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه پنجين صدي هجري جا اُهي عظيم الشان بُزرگ آهن جن جي وِصال کي هزار (1000) سال کان وڌيڪ عرصو گُذري چڪو آهي، پر پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَیْه جي علمي ۽ رُوحاني چمڪ دَمڪ ۾ اڄ به ڪا ڪمي واقع ناهي ٿي. لَڳين



www.dawateislami.net

مُسلمانن ۾ اوهان جو فيضان جاري ۽ ساري آهي. **داتا صاحب** رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جو اَصل وطن اَفغانِستان جو شهر غزني آهي، پر ماڻهن کي **نيڪي جي دعوت** ڏيڻ جي لاءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جن پنهنجو وطن ڇڏي ڪري هڪ اَنجان شهر ۾ اِقامَت اِختِيار فرمائي ، ان مان اسان کي به هي درس ملي ٿو ته نيڪي جي دعوت ڏيڻ جي لاءِ هر مهيني ڪم اَزَ ڪم ٽن (3) ڏينهن جي مَدَني قافلي ۾ ضرور سفر ڪرڻ گهرجي ۽ ان راهه ۾ اچڻ وارين مُشڪلات کي خوش دليءَ سان برداشت ڪندي خوب سُنّتن جي خِدمت جي لاءِ تيار رهڻ گهرجي. هر شُعبي سان مُنسلڪ ماڻهن تي اَحسن اَنداز ۾ اِنْفرادي ڪوشش ڪرڻ گهرجي .

## مجلس اِصلاح برائي رانديگر!

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! تبليغِ قرآن وسُنَّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جتي مُختلف شعبه جات ۾ خِدمتِ دين جو ڪم سراَنجام ڏئي رهي آهي، اُتي رانديگرن جي اِصلاح ۽ تَربِيت جي لاءِ به هڪ شعبو بنام ”مجلس اِصلاح براءِ رانديگر“ قائم ڪيو ويو آهي، جنهن جو بُنيادي مَقْصد راندين سان مُنسلڪ ماڻهن ۾ **دعوتِ اسلامي** جي پيغام کي عام ڪرڻ ۽ انهن کي **دعوتِ اسلامي** سان وابسته ڪندي ان **مَدَني مقصد** ”مون کي پنهنجي ۽ سجي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي. اِنْ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ“ جي مطابق زندگي گذارڻ جو مدني ذِهن ڏيڻ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! ڪيترن ئي رانديگرن ۽ سندن گهر وارن کي **مدني مقصد** ”مون کي پنهنجي ۽ سجي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ جو ذهن ڏيڻ جي ڪوشش جاري آهي .

الله کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں

اے دعوتِ اسلامی تیری دھوم مچی ہو



www.dawateislami.net

## 12 مَدَني ڪمن مان هڪ مدني ڪم "هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت"

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! سنتن جي خدمت جي لاءِ **دعوتِ اسلامي** جي تحت ذيلي حلقي جي 12 مَدَني ڪمن ۾ اڳتي وڌي ڪري حصو وٺو. ذيلي حلقي جا 12 مَدَني ڪم مُسَلمانن کي راهِ سُنَّت تي هلائڻ ۽ عاشِقانِ رسول ۾ قرآن ۽ سُنّت جو پيغام پهچائڻ ۾ تمام گھڻا مُعاوِن آهن. ان 12 مَدَني ڪمن مان هفتيوار هڪ مَدَني ڪم "هفتيوار سُنّتن ڀري اجتماع ۾ شِرڪت ڪرڻ" بہ آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! **دعوتِ اسلامي** جي تحت ٿيڻ واري هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جو آغاز بعد نمازِ مَغرِب سوره مُلڪ جي تِلاوت سان ٿيندو آهي، فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي: **ان ذات جي قسم! جنهن جي قَبضهء قُدرت ۾ منهنجي جان آهي! ڪتابُ الله جي هڪ آيت پڙهڻ پهاڙ** (جَبَلِ صَبِير) **جي مثل صَدَقو ڪرڻ جي اجر کان وڌيڪ عظيم آهي.** (جمع الجوامع، حرف الواو، ٨ / ٨٢، حديث:٢٤٦١٥) غور ڪريو! جڏهن هڪ آيت پُڙهڻ جو هي فائدو آهي تہ مڪمل سُورت کي پڙهڻ ڪيتري قَدَر اجر ۽ ثَواب جو باعِث ٿيندو. تِلاوَت کان پوءِ نَعت شريف پڙهي ويندي آهي. نَعت پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي؟ سرڪار عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي نَعت پڙهڻ، حضرت حَسّان بن ثابت رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ جي سنّت ۽ نَعت ٻڌڻ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنّتِ ڪريم آهي، ان کان پوءِ سُنّتن ڀري بَيان جي ترڪيب هوندي آهي، جنهن ۾ علمِ دين جا قيمتي موتي چونڊڻ لاءِ ملندا آهن .علمِ دين حاصِل ڪرڻ جي فضيلت جي باري ۾ فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: **سڀ کان افضل صَدَقو هي آهي تہ مُسَلمان علم سکي، پوءِ پنهنجي اسلامي ڀائرن کي سيکاري.** (سنن ابن ماجه ، ڪتا ب السنه ، با ب ثواب معلم الناس با لخير، رقم ٢٤٣، ج ١، ص ١٥٨)، ذِڪر ۽ دُعا، صَلوٰة وسَلام، نمازِ عشاء، نماز کان پوءِ حلقہ لڳندا آهن، جنهن ۾ مختلف موضوعن تي سُنّتون ۽ آداب ٻڌايا ويندا آهن ۽ ڪا هڪ دُعا ياد ڪرائي ويندي آهي، فڪرِ



www.dawateislami.net

مدينہ جو مدني حلقو هوندو آهي، پوءِ آرام جو وقفو، خوش نصيب عاشقانِ رسول رات اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ نمازِ تهجد جي برڪتون لُوٽيندا آهن، اذانِ فجر ڪان پوءِ صداءِ مدينہ، نمازِ فجر باجماعت، نماز ڪان پوءِ مدني حلقي ۾ شرڪت ۽ پوءِ مدني انعام تي عمل ڪندي اِشراق و چاشت جي سعادت حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ صلوٰة و سلام تي اجتماع جو اِختِتام ٿي ويندو آهي. اجتماع جي اختتام تي ڪيترائي عاشقانِ رسول سُنّتن جي تربيت جي مدني قافلن ۾ سفر جي سعادت حاصل ڪندا آهن.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! توهان ڏٺو تہ؟ هفتيوار سُنَّتن ڀري اجتماع ۾ شِرڪت اسان جي لاءِ ڪيتري قَدَر باعِثِ اجر و ثواب آهي . تنهنڪري توهان کي مَدَني التجا آهي، سُستي ڪان پاسو ڪندي ۽ هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ اَوّل تا آخِر شِرڪت کي پنهنجو معمول بڻايو! ۽ بيشمار اجر ۽ ثواب جا حَق دار بڻجو. هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع جي برڪت جو اندازو ان مَدَني بهار سان لڳايو!

## مَدَني بهار:

مَرڪزُالاَوْلِياءِ (لاهور) جي علائقي، ملتان روڊ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ اهڙي قسم جو بيان آهي تہ مان چڙواڪ ۽ تيز طَبِيعَت جو هوندو هئس، پنهنجي مَستي ۾ مَست، دنيا جي محبت ۾ مَگن، گناهن ۽ غَفلتُن ۾گم هئس . ٽِفن وڄائي ٻارن جا گيت ڳائڻ ۽ قَوالن جون نَقلون ڪرڻ جي معاملي ۾ سڄي خاندان ۾ مشهور هئس. شادي ۽ ٻين تقريبن ۾ مزاحِيہ ٽوٽڪا ۽ فِلمِي غَزلُون ۽ گانا ڳائڻ ٻي ڊولي انداز ۾ نچڻ ، قِسم قِسم جا نَخرا ڪري ماڻهن کي کلائڻ منهنجو پسنديده شُغل هو. اسڪول جو زمانو هو، هڪ عِمامي وارو اسلامي ڀاءُ وڏي ڀاءُ سان گهڻو ملڻ ايندو هو . هڪ ڏينهن ڀاءُ منهنجو تعارُف ڪرايو تہ ان مونکي تبليغ قرآن ۽ سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي هفتيوار سُنّتن ڀريي اجتماع جي دعوت پيش ڪئي، مان انهن جي دعوت تي خميس جي ڏينهن سُنّتن ڀريي اِجتماع



www.dawateislami.net

۾ پهچي ويس ـ مونکي ڏاڍو سنو لڳو، ائين مان پابندي سان وڃڻ شروع ڪيو، آهستي آهستي عِمامو شريف بہ سجائي ڇڏيو، جنهن تي گهر جي ڪِن ڀاتين سختي سان مُخالَفَت ڪئي، ايتري تائين جو اڪثر دفعا مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ **عِمامو شريف** ڇِڪي لاٿو ويندوهو. درس ڏيڻ جي لاءِ منع ڪيو ويندو هو پر سجائڻ جي نيّت هئي انهن سيني آزمائشن جي باوجود **مدني ماحول** جي ڪشش ۽ **عاشقانِ رسول** جو سهڻو سلوڪ ڏينهون ڏينهن مونکي **دعوتِ اسلامي** جي گهڻو ويجهو ڪندو ويو ـ **مكتبةُ المدينہ** کان جاري ٿيل سُنّتن ڀريل بيانن جون ڪيسٽون ٻڌڻ سان آتت ملندي هئي ۽ حوصلو وڌندو ويو. اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ! آهستي آهستي گهر ۾ بہ **مدني ماحول** ٿي ويو اهي گهر وارا جيڪي **سُنّتن ڀريي اجتماع** ۽ **مدني قافلي** ۾ سفر جي اجازت نہ ڏيندا هئا، انهن مونکي يَڪمُشت ٻارهن مَهينن جي سفر جي اجازت ڏئي ڇڏي گهر ۾ اِسلامي ڀينرن جو اِجتماع شروع ٿي ويو ـ والد صاحب ڏاڙهي سجائي ورتي. (غيبت جون تباهہ ڪاريون)

گرچہ فنکار ہو، قافِلے میں چلو    گو گلوکار ہو، قافِلے میں چلو
خُلد در کار ہو، قافلے میں چلو    فضلِ غفّار ہو، قافِلے میں چلو

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ويهڻ جون سنتون ۽ آداب:

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(مِشكَاةُ الْمَصابِيح ،ج١ ص٥٥ حديث ١٧٥ دارالكتب العلمية بيروت )



www.dawateislami.net

سینہ تری سُنَّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

متا متا اسلامي ڀائرو! اچو تہ ويهڻ جون ڪجھ سُنتون۽آداب ملاحظ ڪريون:

۞ سُرين زمين تي رکو ۽ ٻئي گوڏا اُڀا ڪري ٻنهي ٻانهن کي گوڏن جي چوڌاري ورايو ۽ هڪ هٿ سان ٻئي کي پڪڙيو، ان ريت ويهڻ سنّت آهي، (پر ان دؤران گوڏن تي ڪا چادر وغيره وجهڻ بهتر آهي) (مراٰة المناجيح، ج 6، ص 378)

۞ پلٿي هڻي ويهڻ بہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ثابت آهي. ۞ جتي ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ هجي اتي نہ ويهو. اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ جي محبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن توهان مان ڪو ڇانوَ ۾ هجي ۽ ان تان ڇانوَ ختم ٿي وڃي ۽ هو ڪجھ اُس ۽ ڪجھ ڇانوَ ۾ رهجي وڃي تہ ان کي گهرجي تہ ان جاءِ تان اٿي وڃي. (سنن ابي داود، حديث 4821 ج 4 ص 344) ۞ قبلي ڏانهن منهن ڪري ويهو. (رسائل عطاريه حصو 2 ص 229) ۞ اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن لکن ٿا: پير ۽ استاد جي جاءِ تي انهن جي غير موجودگي ۾ بہ نہ ويهي. (فتاوىٰ رضويه، ج 24 ص 369، 424)

۞ جڏهن بہ اجتماع يا مجلس ۾ اچو تہ ماڻهن کي اورانگهي اڳتي نہ وڃو جتي جڳھ ملي اتي ئي ويهي رهو. ۞ جڏهن ويهو تہ جوتا لاهي ويهو توهان جي پيرن کي آرام ملندو. (الجامع الصغير، حديث 554 ص 40) ۞ مجلس مان فارغ ٿي ٽي ڀيرا هيءَ دعا پڙهو تہ گناھ معاف ٿي ويندا ۽ جيڪو اسلامي ڀاءُ ڀلائي ۽ ذِڪر واري مجلس ۾ پڙهي تہ ان جي لاءِ خير تي مهر لڳائي ويندي، اها دعا هي آهي: سُبْحٰنَكَ اللّٰهُمَّ وَ بِحَمْدِكَ لَآ اِلٰهَ اِلَّآاَنْتَ اَسْتَغْفِرُكَ وَ اَتُوْبُ اِلَيْكَ. ترجمو: ”تنهنجي ذات پاڪ آهي ۽ اي اللّٰہ! سڀ خوبيون تنهنجي لاءِ ئي آهن، تو کانسواءِ ڪو معبود ناهي، تو کان بخشش گهران ٿو ۽ تو ڏانهن توبھ ڪريان ٿو.

(سنن ابي داود، حديث 4857 ج 4 ص 347) ۞ جڏهن ڪو باعمل عالم يا متقي شخص يا



www.dawateislami.net

سيّد صاحب يا ماءُ پيءُ اچن تہ تعظيم لاءِ اُٿي بيھڻ ثواب آھي. حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيميعَلَيهِ رَحْمَةُ اللهِ الغني لکن ٿا: بزرگن جي اچڻ تي اھي بيٺي ڪم يعني تعظيمي قيام ۽ استقبال جائز بلڪ صحابہ جي سنت آھن، بلڪ حضور صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي قولي سنّت آھي.

(مراۃالمناجيح ،ج۶، ص۳۷۰، جملہ منقول از سنتين اور آداب،ص۹۹، بتغير)

هزارين سنّتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جا شايع ٿيل بہ ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بہار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن پريو سفر آھي. (101مَدَنی پھول)

عاشقانِ رسول، آئيں سنت کے پھول

دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن پري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ ِالنَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آھي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو



www.dawateislami.net

موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[3]

## (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[4]

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[5]

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

---

[3]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[4]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

[5]...القول البديع، الباب الثانى، ص277،



www.dawateislami.net

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيهِ رَحمَةُ اللهِ الهَادِی کن بُزرگن کان نقل کن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[6]

## (5) قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرضٰی لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَاللهُ تَعَالٰی عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[7]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَکَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[8]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

[6]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[7]...القول البديع، الباب الاول، ص125

[8]... الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱



www.dawateislami.net

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

## جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[9]

## (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

## لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوا عَلَي الْحَبِيْب! صَلَّي اللّٰهُ تَعالٰي عَلٰي مُحَمَّد

---

[9] … مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة…الخ،254/10،حديث:17305



www.dawateislami.net